هفتيوار رسالو:339
WEEKLY BOOKLET:339

# مڪي جون زيارتون

## امير اهلسنّتِ سان گڏ

(اميرِ اهلسنّت جو عمرو 2023ء تحرين سان گڏ)



ٹھنڈی ٹھنڈی ہوا حرم کی ہے
خوب رحمت برستی رب کی ہے

پیشکش:
المدینۃ العلمیۃ (دعوتِ اسلامی)
Islamic Research Center

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **مڪي جون زيارتون اميرِ اهلسنّت سان گڏ**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# مکي جون زيارتون امير اهلسنّت سان گڏ

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ،
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# مڪي جون زيارتون اميرِ اهلسنّت سان گڏ

## مدينو نہ ڏٺو تہ ڪجھ بہ نہ ڏٺو

شيخ عبدُ الحَقّ مُحَدِّث دِهلوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: جڏهن ڪو مسلمان زيارت جي نيّت سان مديني پاڪ ايندو آهي تہ ملائڪَ رحمت جي تحفن سان ان جو استقبال ڪندا آهن. (جذب القلوب، ص211 )

اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا محمد الياس عطّار قادِري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جو عمرو مديني پاڪ جي حاضري سان گڏ (2022) جي رسالي ڪان بعد هن سال (2023) ۾ اميرِ اهلسنّت جي سفرِ مدينہ تي تحريري رسالو بنام ”مڪي جون زيارتون اميرِ اهلسنّت سان گڏ“ توهان جي هٿن ۾ موجود آهي. مختلف وڊيوز وغيره ڪان حاصل ڪيل معلومات جي روشني ۾ سفر نامو تيار ڪيو ويو آهي پڻ موقعي جي مناسبت سان اميرِ اهلسنّت جي خوش نصيب عاشقانِ رسول جي نالي تي لکيل تحريرن جو عڪس بہ پيش ڪيو پيو وڃي، اللّٰہ پاڪ چاهيو تہ انهن جو غور سان مطالعو انهن يادگار گهڙين لطف ڀري يادُن جي عڪاسي ڪندو. اللّٰہ ڪريم اسان کي اميرِ اهلسنّت جي مڪي ۽ مديني جي عشق جو صدقو نصيب ڪري ۽ باربار حج ۽ مديني جي زيارت سان نوازي. ڪاش هر سال اميرِ اهلسنّت سان گڏ حَرَمين طَيِبَين جي حاضري جي خير و عافيت سان سعادت نصيب ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

دکھا دے ایک جھلک سبز سبز گنبد کی　　بس اُن کے جلووں میں آجائے پھر قضا یارب

مدینے جائیں پھر آئیں دوبارہ پھر جائیں　　اِسی میں عمر گزر جائے یاخدا یارب

**مديني ۽ بقيع جي غم ۾ بي حساب مغفرت جو طالب**

**ابو محمد طاهر مدني عطاري عفي عنہ**

(شعبو: هفتيوار رسالو مطالعو)

**المدينۃ العلميہ اسلامک ريسرچ سينٽر**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ،

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## مکي جون زيارتون اميرِ اهلسنّت سان گڏ (ڊسمبر 2023)

دعاءِ خليفهءِ اميراهلِ سنت: اي الله پاڪ! جيڪو به 32 صفحن جو رسالو ”مکي جون زيارتون اميرِ اهلسنّت سان گڏ“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي باربار مکي ۽ مديني جي زيارت نصيب ڪر ۽ ان کي مقبول حج نصيب ڪري بي حساب جنّتُ الفردوس ۾ داخلا عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## دعا قبول ٿيندي آهي (دُرود شريف جي فضيلت)

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: تمام دعائون پردي ۾ هونديون آهن ايستائين جو انهن جي شروع ۾ الله پاڪ جو حمد (يعني تعريف بيان ڪئي وڃي ۽ نبيِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرودِ پاڪ موڪليو وڃي پوءِ دعا ڪئي وڃي ته دعا ڪرڻ واري جي دعا قبول ڪئي ويندي آهي.

(القول البديع، ص222)

هے سب دعاؤں سے بڑھ کر دعا دُرُود و سلام
کہ دَفع کرتا ہے ہر اِک بَلا دُرُود و سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مکي ڪان يمن

مکي پاڪ ۾ عبدُ الرَّحيم يا عبدُ الرَّحمٰن نالي هڪ نيڪ شخص رهندو هو جيڪو هر وقت الله پاڪ جي عبادت ڪندو رهندو هو. عظيم تابعي بزرگ، حضرت امام حَسن بَصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الله پاڪ جي رضا جي

لاءِ ان سان محبت فرمائيندا هئا. ان مکي شريف کان يمن هليو وڃڻ جو ارادو ڪيو ته حضرت امام حَسن بَصري رَحمَةُ اللہِ عَلَيْه کي ان ڳالهه جي خبر پهتي ته سندن ان کي مکي پاڪ ۾ ئي رهڻ جي ترغيب ڏياريندي هڪ خط لکيو جنهن ۾ قرآني آيتن ۽ مبارڪ حديثن جي روشني ۾ مکي پاڪ جي فضائلن جو بيان هو.[1] (ان خط جو ڪجهه حصو خلاصي طور پيش ڪيو پيو وڃي)

## حضرت امام حَسن بَصري رَحمَةُ اللہِ عَلَيْه جو خط

حضرت امام حَسن بَصري رَحمَةُ اللہِ عَلَيْه لکن ٿا: بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم! اي ڀاءُ! اللّٰه پاڪ اوهان جي حفاظت فرمائي ۽ اوهان کي هر ناپسند شيءِ کان محفوظ فرمائي ڪري وڏيڪ نيڪ ڪمن جي توفيق عطا فرمائي ۽ پنهنجي رحمت سان اسان کي جنّت ۾ جمع فرمائي.

اي منهنجا ڀاءُ! اللّٰه پاڪ اوهان کي وڏي ڀمار عنايت فرمائي، مون کي خبر پهتي ته اوهان امن جي جڳهه حرم شريف کان يمن وڃڻ جو ارادو رکو ٿا. خُدا جو قَسم! مون کي ان خبر کان نهايت ڏک ٿيو.

مون کي اوهان جي سوچ تي تعجب آهي ته اللّٰه پاڪ اوهان کي مکي شريف ۾ رهڻ جي سعادت بخشي پر اوهان هتان کان وڃڻ جو ارادو ڪري رهيا آهيو حالانڪ اوهان کي ته اللّٰه پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ته ان اوهان کي امن واري حرم ۾ جڳهه عطا فرمائي.

اي منهنجا ڀاءُ! اوهان دنيا جي شرف ۽ عظمت جي اعتبار سان بهترين ۽ اللّٰه پاڪ جي پسنديده زمين تي آهيو تنهنڪري هتان کان

[1] .. مکي شريف يا مديني پاڪ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪرڻ جي باري ۾ اهم معلومات جي لاءِ اميرِ اهلسنّت جو ڪتاب "عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون" صفحو 196 پڙهندا، هي ڪتاب دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان مُفت ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.

وچڻ جي باري ۾ خيال نہ ڪيو. اللہ پاڪ اسان کي ۽ اوهان کي چڱن عملن جي توفيق عطا فرمائي. (فضائل مکہ،ص12ماخوذاً)

تیرے گھر کے پھیرے لگاتا رہوں میں سدا شہر مکہ میں آتا رہوں میں
میں لیتا رہوں بوسہ سُنگِ اَسود یُوں دِل کی سیاہی مٹاتا رہوں میں
الٰہی میں پھرتا رہوں گردِ کعبہ یوں قسمت کی گردش مٹاتا رہوں میں
لِپٹ کر گلے لگ کے میں مُلتَزم سے گناہوں کے دھبے مٹاتا رہوں میں
حطیمِ حرم میں نمازوں کو پڑھ کر تیرے در پہ دُکھڑے سُناتا رہوں میں
میں پیتا رہوں ہر گھڑی آبِ زَم زَم لگی اپنے دِل کی بجھاتا رہوں میں
صفا اور مروہ کے مابین دوڑوں سَعی کر کے تجھ کو مناتا رہوں میں
تُو شر سے پناہ دے مقدر ہو ایسا
کہ بس خیر ہی خیر پاتا رہوں میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اميرِ اهلسنّت جي عمري شريف جي لاءِ روانگي

شُکرِ خدا کہ آج گھڑی اُس سفر کی ہے جس پر نِثار جان فلاح و ظفر کی ہے

اَلْحمد للهِ! 18 جمادي الأُولٰي 1445 هجري، 3 ڊسمبر 2023 بروز سومر شريف اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه، نگرانِ شورٰي حاجي محمد عمران عطاري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ حاجي علي رضا عطاري[1] پنهنجي ننيڙي صاحزادي

---

[1].. حاجي علي رضا ياءُ جو تعلق (پنجاب) پاڪستان ڪان آهي ۽ سندن اميرِ اهلسنّت جي خدمت ۾ رهندا آهن.

حسن رضا عطاري سلمہُ الباري سان مختصر قافلي جي صورت ۾ عُمري جي لاءِ روانا ٿيا. روانگي کان پهريان رقت انگيز ڪيفيت ۾ امير اهلسنّت ڪجھ هن طرح ارشاد فرمايو:

حاجي عمران (نگرانِ شورٰي) اسان جي هن مدني قافلي جا امير آهن. اَلْحمد لِلّٰه! مان رفيقُ الحرمين مان مديني جي سفر جي لاءِ نيّتون ڪري چڪو آهيان. هاڻي اسان ائيرپورٽ جي طرف ويندا سين، گھران نڪرندي وقت هي شعرَ چَپن تي جاري هئا:

مُدعا زِیُست کا میں نے پایا    رحمتِ حق نے کیا پھر سایہ
میرے آقا نے کرم فرمایا    پھر مدینے کا بُلاوا آیا
پہلے کچھ اشک بہا لوں تو چلوں    اک نئی نعت سُنا لوں تو چلوں
سیدی انتَ حبیبی

شُکر میں سر کو جُھکانے کیلئے    داغ حسرت کے مٹانے کیلئے
بختِ خوابیدہ جگانے کیلئے    اُن کے دربار میں جانے کیلئے
اپنی اوقات بنا لوں تو چلوں    اک نئی نعت سُنا لوں تو چلوں
سیدی انتَ حبیبی

سامنے ہو جو درِ لطف و کرم    یوں کروں عرض کہ یا شاہِ اُمم
آگیا اُپ کا محتاجِ کرم    اس گنہگار کا رکھئے گا بھرم
شوق کو عرض بنا لوں تو چلوں    اک نئی نعت سُنا لوں تو چلوں
سیدی انتَ حبیبی

## ائيرپورٽ جي طرف روانگي ۾ شعرءِ ذوق پريون ڪيفيتون

امير اهلِ سنّت عرب امارات (دبئي) کان حجازِ مقدس جي لاءِ ائيرپورٽ ويندي گاڏيءَ ۾ اکيون بند ڪري هي اشعار پڙهي رهيا هئا.

ارے زائرِ مدینہ! تو خوشی سے ہنس رہا ہے — دل غمزدہ جو پاتا تو کچھ اور بات ہوتی
غم روزگار میں تو مرے اشک بہہ رہے ہیں — تیرا غم اگر رلاتا تو کچھ اور بات ہوتی
میں جو یُوں مدینے جاتا تو کچھ اور بات ہوتی — کبھی لَوٹ کر نہ آتا تو کچھ اور بات ہوتی

(وسائل بخشش ،ص391)

## گاڏي ۾ نعت پڙهندڙ شاعر سيد اقبال عظيم صاحب جو ڪلام

مديني جي سفر جون ذوق پريون گهڙيون هجن ته خوشي به خوشيءَ سان جهومي اٿندي آهي. اميرِ اهلسنّت گاڏي ۾ وڏي ذوق ۽ شوق سان اکيون بند ڪري مختلف شعرَ پڙهي رهيا هئا ان دوران سندن نابينا نعت پڙهندڙ شاعر، سيد اقبال عظيم صاحب جو مشهورِ زمانه ڪلام جا ڪيئي شعرَ پڙهيا. انهيءَ ڪيفيت ۾ سجو سفر طئي ٿي ويو.

مدینے کا سفر ہے اور میں نم دیدہ نم دیدہ — جبیں افسردہ افسردہ قدم لغزیدہ لغزیدہ
چلا ہوں ایک مجرم کی طرح میں جانبِ طیبہ — نظر شرمندہ شرمندہ بدن لرزیدہ لرزیدہ
کسی کے ہاتھ نے مجھ کو سہارا دے دیا ورنہ — کہاں میں اور کہاں یہ راستے پیچیدہ پیچیدہ
مدینے جا کے ہم سمجھے تقدس کس کو کہتے ہیں — ہوا پاکیزہ پاکیزہ فضا سنجیدہ سنجیدہ
بصارت کھو گئی لیکن بصیرت تو سلامت ہے — مدینہ ہم نے دیکھا ہے مگر نادیدہ نادیدہ
وہی اقبال جس کو ناز تھا کل خوش مزاجی پر — فراقِ طیبہ میں رہتا ہے اب رنجیدہ رنجیدہ

## ائيرپورٽ جي طرف روانگي ۽ دعاءِ عطار

اڳين سال جي سفر جيان هن سال به اميرِ اهلسنّت جي دعائن ۾ ضعف ۽ نقاهت (يعني ڪمزوري) جي سبب ويل چيئر (Wheelchair) تي

طواف ڪرڻ جي بدران پيادل طواف ڪرڻ جي دعا شامل هئي جيڪا سندن سفر دوران وقفي وقفي سان گُهرندا رهيا. گهر کان ائيرپورٽ ويندي پاڻ بارگاهِ الاهي ۾ عرض ڪن ٿا: اي الله پاڪ! هميشه تنهنجي گهر جو جڏهن به طواف ڪيان، پيادل ڪيان، ويل چيئر يا سواري تي نه بلڪ تنهنجي ڏنل طاقت سان تنهنجي رضا جي لاءِ پنهنجي پيرن تي هلي ڪري طواف ڪيان.

ہر برس کاش! آ کے مکّے میں لطف اٹھاؤں طواف کا یارب

(وسائلِ بخشش،ص 84)

## احرام جي نيّت

خليفهءِ اميرِ اهلسنّت اِمسال (يعني هن سال) به اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کان پهريان عرب شريف فيملي سان گڏ حاضر ٿي چڪا هئا. جده شريف ۾ ڪجهه آرام ۽ طعام کان بعد اميرِ اهلسنّت احرام پائي خوشبو لڳائي احرام جا نفل پڙهيا، هاڻي عُمري جي نيّت جو وقت آهي، پاڻ سيني کي عُمري جي نيّت ڪَرائي.[1]

## زم زم شريف ۽ دعاءِ اميرِ اهلسنّت

اميرِ اهلسنّت جنهن گهر ۾ ترسيل هئا اتي احرام ٻڌڻ ۽ احرام جا نفل ادا ڪرڻ کان بعد سندن عُمري جي نيّت ڪئي ۽ بيهي ڪري قبلي ڏانهن رُخ ڪري زم زم شريف پيتائون پوءِ هي حديثِ پاڪ بيان ڪئي: هي زم زم شريف جنهن (مُراد جي حاصل ڪرڻ جي) نيّت سان پيتو ويندو هي انهيءَ جي لاءِ آهي. (ابن ماجه، 490/3، حديث: 3062) (زم زم شريف پيئڻ کان بعد پاڻ ڪجهه هن طرح دعا گهري:) يا ربِّ مصطفٰي جل جلاله و

[1] .. جيڪڏهن نيّت ئي جده شريف وڃڻ جي آهي ته هاڻي احرام جي حاجت ناهي. (رفيق الحرمين،ص325)

صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪرم ڪر، بي حساب بخشي ڇڏ، منهنجي ماءُ پيءُ کي، منهنجي ٻارن ٻچن کي، اسان جي سڀني خاندان کي بخش ڪر، هر دعوتِ اسلامي واري واريءَ جي بي حساب مغفرت ڪر. سڀني امّت جي بخشش فرمائي ڇڏ.

جڏهن ڪمري کان ٻاهر تشريف وٺي آيا ته روئيندي روئيندي، هلندي هي دعا زبان تي جاري هئي. اِلٰهَ الْعٰلَمِیْن! اسان حرم جي طرف هلي رهيا آهيون، رحمت جي نظر فرماءِ! اي الله پاڪ! اسان جو هلڻ آسان، پهچڻ آسان فرماءِ ۽ ان کي قبول فرماءِ. بَس رحمت، رحمت، رحمت فرماءِ. پوءِ وڏي ذوق ۽ شوق ڀري انداز ۾ جهومندي هي شعرَ پڙهندي حرم ڏانهن وڌيا.

چلا ہوں ایک مجرم کی طرح میں جانبِ کعبہ نظر شرمندہ شرمندہ ، بدن لرزیدہ لرزیدہ

## حُدودِ حرم ۾ داخلا

دورانِ سفر وردِ زبان تلبيه "لَبَّیْكَ، اَللّٰھُمَّ لَبَّیْكَ، لَبَّیْكَ لَا شَرِیْكَ لَكَ لَبَّیْكَ، اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَ الْمُلْكَ، لَا شَرِیْكَ لَكَ. " جاري آهي. جڏهن گاڏي حُدودِ حرم جي ويجهو پهتي ۽ ڪجهه ئي فاصلي کان ان جون نشانيون نظر اچڻ لڳيون ته پاڻ پنهنجي موجود ساٿين کي فرمايو: هي سامهون مين روڊ تي جيڪي گول محرابَ نظر اچي رهيا آهن، انهن جي اندر داخل ٿيڻ کان حرم ۾ داخلا ٿي ويندي. ان شآءَ الله الڪريم عنقريب اسان حرم ۾ داخل ٿينداسين، الله ڪريم پنهنجي رحمت سان ايمان ۽ عافيت سان داخلا عنايت فرمائي. (اٰمين)

ٹھنڈی ٹھنڈی ہوا حرم کی ہے بارِش اللہ کے کرم کی ہے

اميرِ اهلسنّت حُدودِ حرم ۾ داخل ٿي ڪري پاڻ سان گڏ موجود ساٿي اسلامي ڀائرن کي هي دعا پڙهائي: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ لِّيْ قَرَارًا وَّ ارْزُقْنِيْ فِيْهَا رِزْقًا حَلَالًا ط ترجمو: اي الله پاڪ! مون کي هن ۾ قرار ۽ رزقِ حلال عطا فرماءِ. (رفيق الحرمين ،ص90)

ميں مکّے ميں پھر آگيا ياالٰہی    کرم کا ترے شکريہ ياالٰہی

## طواف ۽ سعي

ڪعبةُ الله شريف جو طواف ۽ سعي ڪندي مختلف دعائيہ شعرَ زبان تي جاري هئا ۽ وقفي وقفي سان اکين مان سيلِ اشڪ روان (يعني لڙڪ جاري) هئا...

## حلق يا تقصير[1]

اميرِ اهلسنّت 19 جمادي الاولٰي 1445 هجري، 4 ڊسمبر 2023 جو عُمرو شريف مڪمل ڪرڻ کان بعد حلق جي سنّت ادا ڪندي ڪجهه هن طرح الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو: الحمد لله! الله پاڪ جو وڏو ڪرم ٿيو جو بنا ويل چيئر جي پيرن تي هلي ڪري طواف ۽ سعي جي سعادت ملي. الله جو جيترو احسان مڃيو وڃي گهٽ آهي.

**مدني گلُ:** حلق ڪرائڻ ۾ گهڻو ثواب آهي ڇو جو حلق ڪرائڻ وارن جي لاءِ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ 3 ڀيرا رحمت جي دعا فرمائي آهي البت قصر بہ ٿي سگهي ٿو ان جي لاءِ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو ”رحمت جي دعا“ فرمائي آهي. ( بخارى، 574/1، حديث: 1728ماخوذاً)

---

[1].. اسلامي ڀائرَ حلق ڪن يعني مٿي جا تمام وارَ ڪوڙائين يا تقصير ڪن يعني گهٽ ۾ گهٽ چوٿائي(1/4) مٿي جا وارَ آڱر جي پوري(منڍي) جي برابر ڪترائين. اسلامي ڀينرون صرف تقصير ڪرائين. (رفيق الحرمين،ص196،197)

## جنّتُ المعلٰي

اميرِ اهلسنّت عُمرو شريف جي ادائيگي کان بعد مڪي پاڪ ۾ قيام جي دوران ڪجھ مقدس مقامن جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيا انهن مان هڪ يادگار زيارت گاھ جنّتُ المعلٰي شريف آهي. اچو! اميرِ اهلسنّت ڪهڙيءَ طرح هن قبرستان جو تعارف ڪرايو اهو پڙهون ٿا:

الحمد لله! مڪي شريف جي پياري پياري صبح بهارون لُٽائي رهي آهي ۽ اسان مڪي شريف جي سڀ کان مشهور قبرستان ”جنّتُ المعلٰي“ ۾ حاضر آهيون. هن مبارڪ قبرستان جو پراڻو نالو ”مقابر حجون“ ۽ مشهور نالو ”جنّتُ المعلٰي“ آهي. هن قبرستان ۾ تمام مسلمانن جي پياري پياري امڙ، حضرت بي بي خديجةُ الخبرٰي رضي الله عنها، صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الله بن عُمر رضي الله عنهما ۽ ڪيئي صحابہ ۽ تابعين ۽ تبع تابعين ۽ اولياءِ ڪاملين آرام فرمائي رهيا آهن. الله پاڪ! هنن جي صدقي اسان سيني کي بي حساب بخشي ۽ هنن جي فيوض و برڪات سان اسان سيني کي مالا مال ڪري. اسان نيڪ پرهيزگار، عاشقِ رسول، عاشقِ صحابہ و اهلبيت بڻجي وڃون ۽ سموري امّت بخشي وڃي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم.

## اندر نہ وڃو

جَنّتُ المعلٰي ۾ موجود مزارن جا هاڻي قُبا (يعني گنبذ) وغيره شهيد ڪيا ويا آهن، مزارون شهيد ڪري انهن تي رستا ٺاهيا ويا آهن. تنهنڪري ٻاهر رهي ڪري پري کان ئي هن طرح سلام عرض ڪيو:

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ يَا اَهۡلَ الدِّيَارِ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَالۡمُسۡلِمِيۡنَ وَاِنَّا اِنۡ شَآءَ اللهُ بِكُمۡ لَاحِقُوۡنَ ط نَسۡئَلُ اللهَ لَنَا وَلَكُمُ الۡعَافِيَةَ

ترجمو: سلام هجي اوهان تي اي قبرن ۾ رهڻ وارا مومنو! ۽ مسلمانو! ۽ اسان بہ اِن شاءَ الله اوهان سان ملڻ وارا آهيون، اسان الله پاڪ کان اوهان جي ۽ پنهنجي عافيت جا طالب آهيون.

## مسجدِ جنّ

اَلحمدُلِلّٰه!هن وقت اسان مڪي پاڪ جي مشهور قبرستان ”جنّتُ المعلٰي“ جي ويجهو واقع ”مسجدِ جِنّ“ جي سايي ۾ حاضر آهيون. هي اها تاريخي مسجد آهي جتي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان نمازِ فجر ۾ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ٻڌي ڪري ڪجهہ جِنَّ مسلمان ٿيا هئا.

(عاشقانِ رسول کی 130 حکایات،ص230)

## پوڙهو جنّ

حضرت سهل بن عبدُ الله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ پوڙهي جنَّ کي ڏٺو جيڪو هڪ خوبصورت جُبو پائي بيتُ الله شريف جي طرف منهن ڪري نماز پڙهي رهيو آهي، ان جي سلام ڦيرڻ تي سندن سلام ڪيائون، پوڙهي جنّ سلام جو جواب ڏنو ۽ چيائين: اوهان هن جُبي تي تعجب ڪري رهيا آهيو! هي جُبو 700 سال کان مون وٽ آهي، مون هن ئي جُبي ۾ حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جو ديدار ڪيو آهي، هن ئي ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي، محمد رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت جي سعادت ماڻي آهي. ۽ اجان ٻڌو! مان انهن جِنن مان آهيان جن جي باري ۾ سورةُ الْجِن نازل ٿي آهي. (صفة الصفوه، 357/4، بلد الامين ، ص 128)

## مسجدُ الرّايَہ

الحمد لله! هن وقت اسان مڪي شريف جي مشهور ”مسجدِ جنّ“ جي ويجهو ئي ساڄي پاسي واقع ”مسجدُ الرَّايَہ“ جي زيارت سان مشرف ٿي رهيا آهيون. الله اڪبر! رحمتن جو نزول ٿي رهيو آهي. عربي

۾ ”رايہ“ جهنڊي کي چوندا آهن ۽ فتح مڪ جي موقعي تي منهنجي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجو جهنڊو مبارڪ هتي لڳايو هو، سُبحانَ الله. (عاشقانِ رسول کی 130حکایات،ص231)

## دعا قبول ٿيڻ جو مقام

الله پاڪ جا پيارا پيارا آخري نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جتي جتي تشريف وٺي آيا آهن اتي دعا قبول ٿيندي آهي، جيئن تہ منهنجا آقا اعلٰي حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي تمام مَشاهدِ مُتبرڪ تي دعا قبول ٿيندي آهي. (فضائل دُعا،ص136بتغير)

”مَشاهدِ“ مشهد جو جمع آهي جنهن جي معنٰي ”حاضر ٿيڻ جي جڳهہ“ آهي. (يعني اهي تمام مقامات جتي اسان جا پيارا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ظاهري حياتِ مبارڪ ۾ تشريف وٺي ويا آهن.)

## دعاءِ مصطفٰي ﷺ ۽ مسجدُ الرّايَہ تي جامع دعا

مسجدُ الرَّايَہ جي مبارڪ مقام تي اميرِ اهلسنّت حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل جامع دعا گهري، جامع دعا اها چورائيندي آهي جنهن ۾ الفاظ ٿورا هجن، معنائون گهڻيون هجن. (مِراۃ المناجیح، 299/3) اها دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ

ترجمو: اي الله پاڪ! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ آخرت ۾ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ اسان کي جهنّم جي عذاب کان بچاءِ.

خادمِ نبي، حضرتِ انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي، نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اڪثر هيءَ دعا گهرندا رهندا هئا: اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ: (بخاری، 214/4، حدیث: 6389)

## عشقِ رضا جا جلوا

اميرِ اهلسنّت گاڏي ۾ ويندي اعلٰي حضرت امام اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هي شعر پڙهي ڪري ان جي تشريح بيان فرمائي:

اے عشق تیرے صدقے جلنے سے چھٹے سستے

جو آگ بجھا دے گی وہ آگ لگائی ہے

(حدائقِ بخشش،ص194)

شرح ڪلامِ رضا: عاشقِ ماهِ رسالت، اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چئي رهيا آهن: ”اي عشقَ مان توتي قربان وڃان تون به ڇا نعمت آهين، تنهنجي اندر به هڪ باهه (يعني سوز) ۽ هڪ طرح جي تَپش آهي، عشق جي باهه جهنّم جي باهه کي وسائي ڇڏيندي آهي.“

اللہ کیا جہنم اب بھی نہ سرد ہوگا　　رو رو کے مصطفٰی نے دریا بہا دیے ہیں

(حدائق بخشش،ص102)

## مسجدِ خيف شريف ۾70انبياءِ ڪرام

اَلْحمد لله! هن وقت اسان مِنٰي جي حَسين وادي ۾ حاضري سان مشرف آهيون، مِنٰي جي خيمن جو دل کي سڪون ڏيندڙ منظر ۽ مشهور مسجد ”مسجدِ خيف“ پنهنجا جلوا لُٽائي رهي آهي، هيءَ اها مبارڪ مسجد آهي جنهن ۾ 70 انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جون مزارون آهن.

(معجم ڪبير ،316/12،حديث:13525)

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَنْبِيَآءَ اللهِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط

اي الله پاڪ! مِنٰي شريف، مسجدِ خيف شريف ۾ هن ۾ آرام فرمائيندڙ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ انهن جي به آقا محمدِ مصطفٰي، آخري

نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل اسان کي حج نصيب فرماءِ ۽ مِنٰي شريف جي انهن ڏينهن (يعني حج جي ڏيهاڙن) جي حاضري سان بہ مشرف فرماءِ ۽ اسان جا ماءُ پيءُ بخشيا وڃن، سڄي امّت جي مغفرت ٿئي، فلسطين جي مظلوم مسلمانن جي غيب مان مدد فرماءِ. اي الله پاڪ! انهن تي رحمت فرماءِ، انهن تي رحمت فرماءِ، انهن تي رحمت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بڑا حج پہ آنے کو جی چاہتا ہے بُلاوا اب آئیگا کب یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 70 انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو مقام

حجۃُ الوداع جي موقعي تي مکي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هتي نماز ادا فرمائي آهي. مديني جي سلطان، رحمتِ عالَميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: صَلّٰى فِيْ مَسْجِدِ الْخَيْفِ سَبْعُوْنَ نَبِيًّا يعني مسجدِ خيف ۾ 70 انبيا (عَلَيهِمُ السَّلَام) نماز ادا فرمائي. (معجم اوسط، 117/4، حديث: 5407)

هڪ بي روايت ۾ فرمايائون: فِيْ مَسْجِدِ الْخَيْفِ قَبْرُ سَبْعِيْنَ نَبِيًّا يعني مسجدِ خيف ۾ 70 انبيا (عَلَيهِمُ السَّلَام) جون قبرون آهن.

(معجم ڪبير، 316/12، حديث: 13525)

هاڻي هن مسجد شريف جي ڪافي توسيع ٿي چڪي آهي، مزارن جي زيارت نٿي ٿي سگهي. زائرينِ ڪرام کي گهرجي تہ نهايت عقيدت ۽ احترام سان هن مسجد شريف جي زيارت ڪن، انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي خدمتن ۾ هن طرح سلام عرض ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَنْبِيَآءَ اللهِ وَرَحْمَةُ

اللهِوَبَرَكَاتُهٗ پوءِ ايصالِ ثواب ڪري دعا گھرو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجو تعارف ڪَرائي ڇڏيو (هڪ واقعو)

مڪي پاڪ جي پياري گھٽين، رستن تان گذرندي اميرِ اهلسنّت هڪ نهايت ئي پيارو مدني گُل ارشاد فرمايو: ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ حماقت (يعني بي وقوفي) کان شروع ٿي ڪري ندامت تائين ختم ٿيندي آهي، مون کي هڪ واقعو ياد آيو ته هڪ مشهور شخص تي ڪنهن جو پير اچي ويو ته اهو بدتميزي ڪندي گاريون ڏيڻ لڳو، غلطي سان پيرُ رکڻ واري پنهنجو تعارف ڪرايو ته ”مان فلاڻو آهيان“ (يعني اهو به ڪا شخصيت هو) ته جنهن گار ڏني هئي، اهو نهايت شرمنده ٿي ڪري چوڻ لڳو: اوهان پهريان مون کي ٻڌائي ڇڏيو ها ته پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول ڪري وٺان ها ۽ هن طرح بد اخلاقي سان نه ڳالهايان ها ته پهرين شخص چيو: مان پنهنجو تعارف ڇا ڪرايان ها، اوهان خود ئي (بد اخلاقي جو مظاهرو ڪري) پنهنجو تعارف ڪرائي ڇڏيو.

## نه ڳالهائڻ وارو به ڳالهائي ويهندو آهي

ڪاوڙ ۾ انسان بلڪل بي قابو ٿي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن نه چوڻ واريون ڳالهيون به چئي ويندو آهي حديثِ پاڪ ۾ آهي: جهنّم جو هڪ دروازو آهي، جنهن مان اهي ئي ماڻهو داخل ٿيندا جن جي ڪاوڙ الله پاڪ جي نافرماني کان بعد ئي ٺڏي ٿيندي آهي. (شعب الايمان ، 320/6، حديث: 8331)

الله پاڪ اسان کي سنجيدگي اپنائڻ ۽ ڪاوڙ تي ڪنٽرول نصيب ڪري جو جڏهن به ڪاوڙ اچي ته اسان کي ان تي ڪنٽرول ئي ڪرڻ گهرجي جو هي ڪاوڙ اسان کي گناھ ۾ نه وجهي ڇڏي. عظيم تابعي بزرگ حضرت حَسن بَصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي انسان! تون ڪاوڙ ۾ خوب جوش ۾ ايندو آهين، ڪٿي هاڻي جو جوش توکي دوزخ ۾ نه وجهي ڇڏي. (احياء العلوم، 205/3)

اے پیارے بھائی! غصے کی عادت نکال دے — "غصّہ" کہیں نہ نار میں تجھ کو اُچھال دے

الله پاڪ ڪان اسان جهنّم جي عذاب ۽ ڪاوڙ جي تباھ ڪارين ڪان پناھ گهرون ٿا. الله پاڪ اسان کي حلم ۽ درگذر سان مالا مال ڪري نرمي عطا ڪري. الله پاڪ مڪي پاڪ جي پاڪيزه فضائن جي صدقي ۾ اسان کي اجايو ڪاوڙ ڪان بچاءِ ۽ اسان کي امن وارو بڻائي سلامتي وارو بڻائي جڏ اسان ڪان ماڻهن کي راحت پهچي اسان ڪان ماڻهن کي تڪليف نه پهچي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

ہے فلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں — ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ميدانِ مُزدلفه ۾ اميرِ اهلسنّت جي تمنا

ميدانِ ”مُزدلفه“ وڏي نصيب وارو ميدان آهي جو جو هن مبارڪ ميدان کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا جلوا نصيب ٿيا ۽ قدم چمڻ جي سعادت ملي آهي. هتان جي فضائن محبوب

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زُلفن کي خوب چميو هوندو، محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا خوب نظارا ڪيا هوندا. ڪاش! ڪاش! ڪاش! الياس قادري هن ميدانِ مُزدلفہ جو ڪو ذرّو هجي ها، انسان نہ هجي ها.

## مسجدِ اِجابہ[1]

هن وقت اسان ”مسجدِ اِجابہ“ جي سايي ۾ بيٺا آهيون. ٻڌايو وڃي ٿو هي اها ئي مسجد آهي جتي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نماز ادا فرمائي هئي.

## قبوليت جو مقام ۽ فلسطين جي عاشقانِ رسول جي لاءِ دعا

پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جتي (ظاهري زندگي ۾) تشريف وٺي اچڻ ثابت آهي، اتي دعا قبول ٿيندي آهي. اي اللّٰه پاڪ! اسان جي ۽ هر دعوتِ اسلامي واري واريءَ جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اي اللّٰه پاڪ! سڀ امّت جي مغفرت فرماءِ. اي اللّٰه پاڪ! هي قبوليت جو مقام آهي، فلسطين جي مظلوم مسلمانن جي غيب مان مدد فرماءِ، هنن تي رحمت جي نظر فرماءِ، اي اللّٰه پاڪ! هنن کي آزمائش مان ڪڍي ڇڏ. اي اللّٰه پاڪ! جيڪي هنن ۾ شهيد ٿيا بي حساب بخشيا وڃن، جيڪي وڇڙيل آهن پنهنجي پيارن سان ملي وڃن. جيڪي زخمي آهن اهي رُو بہ صحت (يعني تندرست) ٿي وڃن. جن جي اَمْلاڪ (يعني گهر، دڪان، زمينون، جائيداد وغيره) تباهہ ٿيا، اي اللّٰه پاڪ انهن کي نعم الْبدل (يعني سنو بدلو) عطا ڪر. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

---

[1]... مڪي پاڪ ۽ مديني پاڪ ٻنهي مبارڪ شهرن ۾ هن نالي سان مسجد آهي.

رسولِ پاک کی دکھیاری امّت پر عنایت کر
مریضوں، غمزدوں، آفت نصیبوں پر کرم مولیٰ

(وسائلِ بخشش، ص 99)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## راهِ مدينه ۾ زيارت گاه

مديني پاڪ ڏانهن سفر شروع ٿيو ته مدينه روڊ تي ”نَوارِيه“ جي ويجهو مقامِ سَرف تي تمام مسلمانن جي پياري پياري امڙ حضرت بي بي ميمونه رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي مزار پُر انوار آهي هي مزار شريف مکي پاڪ کان ٻاهر آهي. مديني ويندڙ گاڏي هڪ اسلامي ڀاءُ جي هئي، اميرِ اهلسنّت گاڏي تان لهي ڪري امڙ سائڻ جي خدمت ۾ سلام عرض ڪري دعا گهري. هي مزار رستي جي وچ ۾ آهي. ماڻهن جو چوڻ آهي ته رستي جي تعمير جي لاءِ هن مزار شريف کي شهيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي رهي پر ٽريڪٽر (TRACTOR) اونڌو ٿي ويندو هو، نه چاهيندي به هتي چؤديواري ٺاهي پئي. اسان جي پياري پياري امڙ حضرت بي بي ميمونه رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي ڪرامت مرحبا!

اَہلِ اِسلام کی مادَرانِ شفیق بانُوانِ طہارت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هلو مديني هلون ٿا

عُمري شريف ۽ مکي جي زيارتن کان بعد عاشقِ مدينه اميرِ اهلسنّت پنهنجي قافلي سان گڏ مديني روانا ٿيا ۽ بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۾ نهايت ادب ۽ شوق جي عالَم ۾ روئيندي روئيندي حاضري جي سعادت ماڻي.

## مديني پاڪ کان جُدائي

عاشقِ مدينہ اميرِ اهلسنّت تي هجرِ مدينہ (يعني مديني کان جُدائي) نهايت ئي شاق (يعني ڏُکي) هوندي آهي، اميرِ اهلسنّت رسولُ اللّٰه جي جُدائي ۾ تمام گهڻو روئين ٿا. ڏاڍا بي چين ٿي واپسي جي لاءِ گاڏي ۾ وينا ۽ تقريباً سڄو رستو ”الوداع يا رسولَ اللّٰه“ جي صدائن سان سڏڪا ڀريندي روئيندا رهيا. سچي عاشقِ رسول جي صحبت ڪنهن وڏي نعمت کان گهٽ ناهي، ان صحبت کان فيض وٺندڙ ننڍڙو ٻار حسن رضا بہ ائيرپورٽ تائين روئيندو رهيو. اميرِ اهلسنّت جڏهن عرب امارات پنهنجي گهر پهتا تہ ان وقت بہ وڇوڙي ۽ مديني جي جُدائي سان دل چُورُ چُورُ هئي ۽ پاڻ پٽ تي ٽيڪ ڏئي ڪري روئي رهيا هئا. اميرِ اهلسنّت جي ان ڪيفيت کي شايد پنجابي شعر ۾ هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو.

او کیسیاں گھڑیاں سن مہمان ساں سوہنے دے
دل فیر وی کردا اے طیبہ دا سفر ہووے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اميرِ اهلسنّت جون تحريرون

اميرِ اهلسنّت هن ڀيري بہ سفرِ حرمينِ طيبين ۾ ۽ واپسي تي ڪجھ اراڪينِ شورٰي ۽ دعوتِ اسلامي جي ذميدارن جي نانءُ تحريرون لکيون. مڪي مديني جي عاشق، اميرِ اهلسنّت جي قلم جا رنگ، عشقِ رسول سان پڙهندا. اللّٰه پاڪ نصيب ڪري تہ مڪي ۽ مديني جي ياد ۾ لڙڪ وهايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد


اللہ
صلوا علی الحبیب
صلی اللہ علی محمد
دعوتِ اسلامی زندہ باد (اٰمین)
(یعنی دعوتِ اسلامی سلامت رہے - اٰمین)
دعائے عطار
یا اللہ پاک! جو کوئی اپنے گھر، دوکان، دفتر، گاڑی وغیرہ پر "دعوتِ اسلامی زندہ باد" لکھے اُس کو دُنیا و آخرت میں سلامت رکھ اور اُس کی ماں باپ سمیت بے حساب مغفرت فرما۔
اٰمین بجاہ خاتم النبیین صلی اللہ علیہ والہ وسلم
(حاجی عمران نگران شوریٰ کیلئے تحفہ)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب
صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

الله

يادِ سفرِ مدينه
امارات ائيرپورٽ تي انتظار دوران لکيل تحرير

# دعوتِ اسلامي زنده باد (اٰمين)

(يعني دعوتِ اسلامي سلامت رهي. اٰمين)

**دعاءِ عطار:** اي الله پاڪ! جيڪو بہ پنهنجي گهر، دڪان، دفتر، گاڏي وغيره تي ”دعوتِ اسلامي زنده باد“ لِکي اُن کي دنيا ۽ آخرت ۾ سلامت رکُ ۽ ان جي ماءُ پيءُ سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

(حاجي عمران نگرانِ شوري جي لاءِ تحفو)


اللہ
یادِ سفرِ مدینہ
(تحریر: امارات تا جدہ شریف دورانِ پرواز)
ارشادِ امام ابن حجر عسقلانی رحمۃ اللہ علیہ:
"اللہ پاک کی نافرمانیاں اکثر اوقات نعمتیں زائل (یعنی کم یا ختم) ہونے کا سبب بنتی ہیں۔"
(فتح الباری ج ۱۱ ص ۳۰۳)
صلوا علی الحبیب
صلی اللہ علی محمد
3-12-23
حاجی محمد علی (رکنِ شوریٰ) کی خدمت میں تحریری سوغات۔

مزارِ مبارڪ
امام ابنِ حجر عسقلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه

الله

يادِ سفرِ مدينه
(تحرير: امارات کان جده شريف دوران
سفر جهاز ۾)

امام ابنِ حجر عسقلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو ارشاد آهي: ”الله پاڪ جون نافرمانيون اڪثر ڪري نعمتون زائل (يعني گهٽ يا ختم) ٿيڻ جو سبب بڻجنديون آهن.“

(فتح الباری ج 11 ص303)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيب
صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

حاجي محمد علي (رڪنِ شورٰي) جي خدمت ۾ تحريري سوغات (تحفو).

یادِ سفرِ مدینہ
(تحریر: امان تا جدہ شریف دورانِ پرواز)

اللہ

صحابی ابنِ صحابی حضرت عبداللہ بن عبّاس رضی اللہ عنہما کے بارے میں کہا جاتا ہے کہ آپ کے پاس جب کوئی مہمان حاضر ہوتا تو اس کو **آبِ زمزم** پیش کرتے اور جیسے کھانا کھلاتے اُسے **آبِ زمزم** بھی پلاتے۔ (اخبارِ مکہ للفاکہی 2/46 رقم: ۱۱۱۸، ۱۱۱۷)

صلّوا علی الحبیب
صلّی اللہ علیٰ محمّد

محمد الیاس قادری
۸/ جمادی الاولیٰ ۱۴۴۵ھ
23-12-3



الله


يادِ سفرِ مدينه

(تحرير: امارات کان جده شريف دورانِ سفر جهاز ۾)

صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْهُما جي باري ۾ چيو ويندو آهي تہ پاڻ وٽ جڏهن ڪو مهمان حاضر ٿيندو هو تہ ان کي آبِ زم زم پيش ڪندا ۽ جنهن کي کاڌو کارائيندا ها اُن کي آبِ زم زم بہ پياريندا هئا.(اخبارِمکّہ للفا کهی 46/2 رقم:1117،1118)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب

صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد




## معاف کرنے میں فائدہ ہے

حضرت امام احمد بن حنبل رحمۃ اللہ علیہ فرماتے ہیں:

اللہ پاک تیری وجہ سے کسی مسلمان کو عذاب دے

اس میں تیرے لئے کوئی بھلائی نہیں۔

(یعنی معاف کردینے میں تیرا کیا جاتا ہے) (سیر اعلام النبلاء ۱۸۱/۱۱)

[illegible] 3-12-23 [illegible] ۱۴۴۵ھ

صلوا علی الحبیب صلی اللہ علیٰ محمد

الله

يادِ سفرِ مدينه

(تحرير: امارات کان جده شريف دوران سفرِ جهاز ۾)

# معاف ڪرڻ ۾ فائدو آهي

حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ تنهنجي ڪري ڪنهن مسلمان کي عذاب ڏي ان ۾ تنهنجي لاءِ ڪا ڀلائي ناهي.

(يعني معاف ڪري ڇڏڻ ۾ تنهنجو ڇا ٿو وڃي)(سير اعلام النّبلا 11/161)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد


یادِ سفرِ مدینہ
(امارات تا جدہ شریف دورانِ پرواز کی تحریر)
اللہ
دل کیلئے زیادہ فائدہ مند شے
حضرت محمد بن یونُس رحمۃ اللہ علیہ فرماتے ہیں:
”میں نے صالحین (یعنی نیک بندوں) کے
ذِکرِ خیر سے زیادہ فائدہ مند
کوئی چیز دل کے لئے
نہ دیکھی“۔
(صفۃ الصفوۃ ص ۱۸)
صلوا علی الحبیب
صلی اللہ علی محمد
عبد الوہاب عطاری (رکنِ شوریٰ)
کیلئے تحریری سوغات

الله

يادِ سفرِ مدينه
(تحرير: امارات کان جده شريف دورانِ سفر جهاز ۾)

# دل جي لاءِ گهڻو فائدي مند شيءِ

حضرت محمد بن يونُس (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) فرمائن ٿا: ”مون صالحين (يعني نيڪ ٻانهن) جي لاءِ ذڪرِ خير کان وڌيڪ دل جي لاءِ فائدي مند ڪا شيءِ نہ ڏٺي.“ (صفّۃ الصّفوه ص 18)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب
صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

عبدُ الوهّاب عطاري (رڪنِ شورٰي)

جي لاءِ تحريري سوغات (تحفو).


یادِ سفرِ مدینہ
اللہ
میری خواہش ہے کہ "سفرِ مدینہ" میں
"بات چیت کم سے کم" کروں.
(تعاون کی درخواست ہے)
صلوا علی الحبیب
صلی اللہ علی محمد
3-12-23
الحمد للہ الکریم ہمارا طیارہ دورانِ تحریر
جدہ شریف کے ایئرپورٹ پر اُتر چکا

الله

يادِ سفرِ مدينه

منهنجي خواهش آهي ته ”سفرِ مدينه“ ۾ ”گفتگو تمام گهٽ“ ڪريان.

(تعاون جي درخواست آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

الحمدلله الڪريم! اسان جو جهاز دورانِ تحرير

جده شريف جي ائيرپورٽ تي لهي چڪو

الله



یادِ سفرِ مدینہ

تحریر جبل احد شریف

میرے لئے سب سے اچھا تحفہ ہے "سلام"

مدینہ

صحابیِ نبی حضرت ابو درداء رضی اللہ فرماتے ہیں: "مجھے میرے کسی مسلمان بھائی نے ایسا تحفہ نہیں دیا جو سلام سے زیادہ مجھے پسند ہو"۔ (الزُّھد للامام احمد بن حنبل ص ۱۱۶ دار الکتب العلمیہ، بیروت)

۲۷ ربیع الاول ۱۴۴۵ھ
3-12-23

حاجی محمد اسلم عطاری (رکن شوریٰ) خانپور والے کی خدمت میں تحریری سوغات۔

صلّوا علی الحبیب
صلّی اللہ علی محمد



ياد سفرِ مدينه

الله

تحريرِ حلِ اجابه شريف

# منهنجي لاءِ سڀ کان پلو تحفو آهي: ”سلام“


صحابيءِ نبي حضرت ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: ”مون کي منهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ اهڙو تحفو ناهي ڏنو جيڪو سلام کان وڌيڪ مون کي پسند هجي“. (الزُّهد لِلامام احمد بن حنبل ص 114 دارالڪتب العلميه، بيروت)

حاجي محمد اسلم عطاري (رڪنِ شوريٰ)

خانپور واري جي خدمت ۾ تحريري سوغات (تحفو).

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد


یادِ سفرِ مدینہ
(تحریرِ جل (جدّہ شریف))
اللّٰہ
غم دُور ہوں اور عقل بڑھے
حضرتِ امام شافعی رحمۃ اللّٰہ علیہ فرماتے ہیں:
جو اپنا لباس صاف رکھے اُس کے غم کم ہو جائیں گے
اور جو خوشبو لگائے اُس کی عقل بڑھے گی۔
(احیاء العلوم (اردو) ج ۵ ص 561)
صلّوا علی الحبیب
صلّی اللّٰہ علٰی محمّد
3-12-23
خوشبو

يادِ سفرِ مدينه
(تحريرِ حل (جده شريف)

الله

# غمَ دور ٿين ۽ عقل وڌي

حضرت امام شافِعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: جيڪو پنهنجو لباس صاف رکي ان جا غمَ گهٽ ٿي ويندا ۽ جيڪو خوشبو لڳائي ان جو عقل وڌندو. (احياء العلوم(اردو) ج 5 ص 561)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب
صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد


یادِ مدینہ
تحریرِ مدینہ
اللہ
ایک فرمانِ آخری نبی صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم میں یہ بھی ہے:
”جس نے مدینہ کی تنگدستی اور سختی پر صبر کیا میں
قیامت میں اُس کی شفاعت کروں گا یا اُس کے حق میں
گواہی دوں گا۔“ (مجمع الزوائد ج ۳ ص ۷۵۷، حدیث ۵۸۱۹)
واہ! کیا بات ہے مدینے کی
رکنِ شوریٰ حاجی محمد فاروق جیلانی
کی خدمت میں سوغات ہے
صلوا علی الحبیب
صلی اللہ علی محمد

اللّٰه

ياد مدينہ
تحريرِ مدينہ

هڪ فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ هي بہ آهي: ”جنهن مديني جي تنگدستي ۽ سختي تي صبر ڪيو مان قيامت ۾ ان جي شفاعت ڪندُس يا ان جي حق ۾ گواهي ڏيندُس.“ (مجمع الزّوائد ج 3 ص 657 حديث: 5819)

واه! چا ڳالھ ڪجي مديني جي

رڪنِ شورٰي حاجي محمد فاروق جيلا
جي خدمت ۾ سوغات

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب
صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد



{ یادِ راہِ مدینہ
تحریر: راہِ مدینہ }

ٹھنڈی ٹھنڈی ہوا عرب کی ہے
خوب رحمت برستی رب کی ہے

## مکے کی گرمی کی فضیلت

فرمانِ آخری نبی صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم:
"جو شخص دن کے کچھ وقت مکّے کی گرمی پر صبر کرے
جہنّم کی آگ اُس سے دُور ہو جاتی ہے۔"

6-12-23

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب
صلَّی اللہُ علٰی محمَّد

(رکنِ شوریٰ حاجی بغداد رضا کیلئے سوغات)

(الحمدللہ الکریم مکۂ پاک سے مدینۂ پاک
ہماری گاڑی رواں دواں ہے)

(يادِ راهِ مدينه
تحرير: راهِ مدينه)

الله

ٹھنڈی ٹھنڈی ہوا عرب کی ہے

# مڪي جي گرميءَ جي فضيلت


فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ: ”جيڪو شخص ڏينهن جو ڪجھ وقت مڪي جي گرمي تي صبر ڪري جهنّم جي باهه اُن ڪان دور ٿي ويندي آهي.“

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب
صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

(رڪنِ شوريٰ حاجي بغداد رضا جي لاءِ سوغات)

(الحمد للهِ الۡڪَريم مڪي پاڪ ڪان مديني پاڪ

اسان جي گاڏي وڃي آهي)


آہ! اب مدینہ چھوٹا جا رہا ہے
سنّت کی فضیلت
فرمانِ آخری نبی صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم
”جس نے میری سُنّت سے مَحبّت کی اُس نے مجھ سے مَحبّت کی اور جس نے مجھ سے مَحبّت کی وہ جنّت میں میرے ساتھ ہوگا۔“
(ابنِ عساکر ج ۹ ص ۳۴۳)
صلُّوا علی الحبیب صلَّی اللہُ علٰی محمَّد
اَلْفِراق وَالْفِراق اے پیارے آقا اَلْفِراق پھر بلا لو جلد آقائے مدینہ اَلْوَداع
(رکنِ شوریٰ الحاج سیّد لقمان شاہ صاحب کی خدمت میں تحریری سوغات)

هاءِ! مان مدينو ڇڏي آيس

الله

# سنّت جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.“ (ابن عساکر ج 9 ص 343)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلفِراق وَالفِراق اے پیارے آقا الفِراق پھر بُلا لو جلد آقائے مدینا الوداع

(رڪنِ شوري الحاج سيّد لقمان شاھ صاحب جي خدمت ۾ تحريري سوغات)




# دوسروں کے عیب مت ڈھونڈو

مسلمانوں کے دوسرے خلیفہ حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ فرماتے ہیں: "دوسروں کے عیب ڈھونڈنے سے بچنے والے کو اپنے عیبوں کی اصلاح کی توفیق ملتی ہے۔" (المنبّہات)

مکّے کی حسیں شام کی دیکھوں میں بہاریں
پھر دیکھوں مدینے کی شہا! صُبحِ دل آرا

صلّوا علی الحبیب
صلّی اللہُ علی محمّد

(حاجی وقار المدینہ کی خدمت میں سوغات)

هاءِ! فرقتِ مدينه

الله

هاءِ! مان مدينو ڇڏي آيس

# ٻين جا عيب نہ ڳوليو

حضرت عُمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہ فرمائن ٿا: ”ٻين جي عيبن کي ڳولڻ کان بچڻ واري کي پنهنجي عيبن جي اصلاح جي توفيق ملندي آهي.“ (المُنَبِّهات)

مکّے کی حَسین شام کی دیکھوں میں بہاریں
پھر دیکھوں مدینے کی شَہا! صبح دل آرا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب
صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

(حاجي وَقارُ المدينہ جي خدمت ۾ سوغات)

# هفتہ وار رسالو مطالعو

شيخ طريقت امير اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ / خليفهءِ امير اهلسنت الحاج ابو اُسَيد عُبيد رضا مدني مَدّ ظِلّهُ العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشآءالله الكريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري امير اهل سنت/ خليفهءِ امير اهلسنت جي دعائن مان حصو مائيندا آهن. هي رسالو آڏيو ۾ دعوت اسلامي جي

ويب سائٽ www.dawateislami.net يا

read and listen Islamic book تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

(شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو)


978-969-722-605-4
01082464



فيضانِ مدينہ، محلہ سوداگران، پراني سبزي منڈي کراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net